گشته روپوش زین تجلی گاه به نهان خانه ملی نشان رفته

نور حق مدتی به پستی ماند باز بر اوج لامکان رفته

سال و صلش خرد بجست سروش گفت طاهر باشیان رفته

(۱۲۶۹ھ)

تاریخ وفات قدوۃ العارفین وزبدۃ العارفین وعمدۃ الواصلین جناب وحدت نصاب خدا بخش قدس سرہٗ

چون قدوۂ عارفان خدا بخش زین دار فنای رخت بربست

جاکرد باشیان لاهوت از دامنہ روی بدر جست

و ز خمکدۂ سقٰهم(۱) آسود و ز بادۂ ارجعی(۲) بشد مست

هاتف بصر تیخ گفت بود او نوری که باٰفتاب پیوست

(۱۹) + (۱۲۵۵=۱۲۶۹ھ)

تاریخ وفات حضرت صاحبان کریمان علیه الرضوان

چون علی اکبر شہ والا گهر صوفی و رضوی نجیب و نامور

صاحب سجاده سلک قادری شجرۂ حسنینؑ رانیکو ثمر

ره برون جسته ز قالب عنصری در هوای لامکان بکشاد پر

(۱) آیۃ مبارک: وَسَقٰهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا. ۽ هنن کي هُنن جو رب پاڪ صاف شراب پياريندو سوره دهر آیه ۲۱

(۲) آیۃ مبارک: اَرْجِعِیْٓ اِلٰی رَبِّكِ رَاضِیَةً مَّرْضِیَّةً تون پنهنجي رب ڏانهن موٽي هَل اهڙي طرح جو تون هُن کان راضي ۽ هو توکان خوش. سوره البلد آيت نمبر ۲۸

تافت بَر دیوار نور از آفتاب　باز قُرصِ آفتابش شد مقر
گفت تاریخ وصالش هاتفی　قدْ وَلَقیْ عندالملیک المقتدر
(۱۲۷۰ھ)

تاریخ وفات حاجی صاحب علیہ الرحمۃ

قدوۂ عارفان لطف اللہ　ساقی بزم راز بنهفته
حاجی بیتِ ظاهر و باطن　خانه دل ز ماسوا رفته
روز رحلت جنابِ غوث کریم　گوهر خود بسلک سر سُفته
هجرتی کرد زین خزان آباد　سوی باغی همیشه بشگفته
هاتفِ غیب بهرِ تاریخش　مرشد وقت بحر هو گفته ☆
(۱۲۷۱ھ)

ایضاً

قدوۂ عارفان اویس مقام　بحرِ تسلیم محنت آشامی
خواجه خواجگان لطف اللہ　کام بخشای جان ناکامی
گشت متوجهی به عالمِ عشق　چون رسیدش ز دوست پیغامی
سال وصلش سروش غیبی گفت　مرشد وقت لیک گم نامی
(۱۲۷۱ھ)

☆ نوٽ: هي قطعہ تاريخ علي بخش ڪمتر مغل واري نسخہ ۾ درج آهي.

تاریخ وفات محمد غوث صاحبزاده روح اللہ روحہ

چون محمد غوث صاحب دل ز تن کرد انتقال — ارجعی بشنید از حق یافت تشریف وصال
نوجوان شیرین زبان وحدت بیان سر نہان — غرق دریای بقا اغواص بحر بی مثال
مست صہبای انا الحق محرم سر الست — سینہ بی کینہ اش آئینہ نور جمال
بہر تاریخِ وصالش عالم ارواح گفت — باد محو انوار چون سالک سالم خیال

(۱۲۷۳ھ)

تاریخ وفات صاحبان دراز روح اللہ روحہ

بدرِ سیمای سراپا نور نجم الدین منیر — کز فروغ او شدی معدوم ظلماتِ قلق
صاحب سجادہ عالی مرتبت کز حسن و خلق — داشتی طبع کریم او بد لجوی یبق
مرہم دلہای ریش و محرم سرّ وجود — مقبل درگاہ حق بی مثل در دور افق
چون خرامیدہ ازین معبر سوئی دار الخلود — شد ز فرقت او جگر ہر خویش ہر بیگانہ شق
بہر واضح بودنِ تاریخ وصل آن حبیب — جان ز روی کشف گفتا جلوۂ خورشید حق

(۱۲۷۳ھ)

تاریخ وفات فقیر صاحب محمد صلاح رحم اللہ علیہ

چون محمد صلاح حق آگاہ — عارف وقت واصل باللہ
غرق بحر تجلیات شہود — محو ذات و رشید فیض نگاہ
کرد در طشت ز عالم اجسام — یافت در ملک جان عزّ و جاہ
سال وصلش بجست دل ز خرد — گفت ہاتف کہ چشمہ فیض الٰہ

(۱۲۷۵ھ)

تاریخ وصال مجذوب حق مطلوب حق فقیر صاحب فقیر محمد صالح مست قدس اللہ سرہٗ

چولا قید صالح محمد فقیر ز تقید جسمانیہ تاخت رو
بیاسوڈ جانش در ارواحِ قدس دلم گفت وی مست مجذوب ھو

(۱۲۷۸ھ)

تاریخ وفات مجذوب حق مطلوب مطلق لاقید ھوست اثر درویش مھر گر قدس سرہٗ

چو درویش سرمست ھُو مھر گر ملول آمد از سَیر عالم نشیب
پی باز گردید نش سوی اصل ندا آمد از حق کہ یا نور غیب

(۱۲۷۹ھ)

تاریخ وفات رحمت اللہ مجاور موی مبارک کہ شھید شد

مجاور نور سرور رحمت اللہ کہ از ارباب علم و فضل می بود
بناگہ بی گنہ مقتول گردید عیاناً عاقبت او گشتہ محمود
بیک زخمی تفنگی جانستانی رہِ عالم بقا جانش بہ پیمود
بزیر سایہ طوبی آرمیدہ ز تابش ھای دوران خوش نیا سوڈ
چو سال قتل اوُ جستم زھاتف ندا آمد کہ اندر ظل ممدود☆

(۱۲۷۹ھ)

☆ نوٽ: منشي سلامت راءِ واري نسخہ ۾ مادہ تاريخ 'اندر ظل محمود' لکيل آهي جنھن جا ابجد جي حساب موجب ۱۲۸۳ ھ عدد ٿين ٿا. ليکن سال ۱۲۷۹ھ ڄاڻايو ويو آهي جڏھن تہ علي بخش مغل ڪمتر جي نسخہ ۾ 'اندر ظل ممدود' تحرير ڪيو ويو آهي جنھن جا عدد ۱۲۷۹ھ آھن ۽ اھوئي درست مادہ تاريخ آهي.

Scanned by CamScanner

تاریخ وفات اخی وعضدی بمنزلۃ الروح من جسدی مقبول درگاہ صمد مغفور مرحوم قاضی پیر محمد غفر اللہ لہ

سالک طریق پیر محمد کہ در زمان | گو بُردہ در سلوک طریقت ز سالکان
باخاص و عام داشت رہ خدمت و نیاز | می دید نور جلوہ ھمہ اوست راعیان
بعد از بلوغ سیر الی اللہ سر نمود | سال چھل جدا ز تن آمد بہ ملک جان
سوم شوال در شب یک شنبہ نیم شب | دست از نشان بھشت دران بحر لی نشان
وقت عروج طاہر روحش فرشتہ گفت | پرواز کرد نیم شبہ سوی آشیان

(۱۲۸۵ھ)

ایضاً

چونکہ قاضی پیر محمد با ھدا | کرد اندر عشق حق جان را فدا
دل ز سال وصل او دادہ خبر | گفت بُد پروانہ شمع خدا

(۱۲۸۵ھ)

ایضاً

پیر محمد مظہر فیض اِلہ | چون سوی عالم بقا پیمود راہ
ھاتف از سال وصالش باز گفت | در جھان جان گرفت آرامگاہ

۱۲۸۵ھ

قطعات تاریخہای ولادت

قطعہ تاریخ تولد مع سجع قاضی محمد یوسف زید حیاتہ

سجع

پی روپوش کردہ یوسفش نام

قطعہ

یوسف کامگار برخور دار بیست و دومین محرم زاد
شب یک شنبہ بعد وقت عشا سن ھزار و دوصد یک و ھفتاد
(۱۲۷۱ھ)
یا رب او را بحق آلِ رسولؐ چشم زخم زمانہ مرساد

قطعہ تاریخ تولد مع سجع قاضی غلام حیدر زید حیاتہ

سجع

غلام حیدرم الحمد للہ

قطعہ

غلام حیدر نیکو سیرّ تولد شد بروز جمعہ و تاریخ پنجمین شوال
ھزار و دوصد و ھفتاد سہ زھجری بود کہ یافت نشونمای چنین خجستہ نہال
(۱۲۷۳ھ)
ھمیشہ باد بحفظ و حمایت سبحان بحق آلِ رسولؐ و مشایخ و ابدال

Scanned by CamScanner

قطعہ تاریخ تولد مع سجع برخوردار قاضی غلام مھدی زید حیاتہ

سجع

غلام مھدی صاحب زمانم

قطعہ

شب سہ شنبہ و یاز دھمین ربیع آخر — غلام مھدی مولود شد بہ لطفِ کریم

ھزار و دو صد ھفتاد شش زھجری بود — کہ باحدوث بیامیخت سر ذات قدیم

(۱۲۷۶ھ)

مقدرش ز حوادث زمان معون دار او — بحق آئمۂ اِثنا عشر بہ غوث عظیم

قطعہ تاریخ تولد مع سجع قاضی غلام حسین زید حیاتہ

سجع

بدل و جان منم غلام حسین

قطعہ

دومین نہ مبارک رمضان — متولد شدہ غلام حسین

یک ھزار و دو صد سہ ھشتادی — روضۂ زان نھال یافتہ زین

(۱۲۸۳ھ)

یا رب از حادثہ امانش دہ — حرمت شانِ حضرت سبطین

قطعہ تاریخ تولد برخوردار محمد فرید زید حیاتہ

شب آدینہ بیست و سیوم از جماد الاول فرید بزاد
ہفت ہفتاد یک ہزار دوصد بود کین ابتہاج دست بداد
(۱۲۷۷ھ)
یارب از فتنہ دار ماموں‌نش بہ نبیؐ وآلہ الامجاد

قطعہ تاریخ تولد برخوردار محمد زید حیاتہ

بیست ہشتم جمادی الثانی زاد محسن و مولدش مبارکباد
پنج ہفتاد یک ہزار دوصد بُد زہجرت رسولؐ شاہ رشاد
(۱۲۷۵ھ)
حق تعالیٰ بحق حسنینؑش از حوادث زمان مصون داراد

Scanned by CamScanner

متفرقات

قطعہ تاریخ نسخہ نہج البلاغہ

چون کہ نہج البلاغۃ از دستم　　یافت ای دوست صورت تحریر
روضۂ قدس بود ھاتف گفت　　سال تحریر او جنان نظیر
(۱۲۶۴ھ)

قطعہ تاریخ بنای باب درگاہ شاہ خیر الدینؒ

چو شدِ بنا در درگاہ شاہ خیر الدین　　ز دست ھمت احمد علی ارادہ سرشت
بجست دل ز خرد نکتہ سنج تاریخش　　ندا رسید یکی باب مستطاب بھشت
(۱۲۶۴ھ)

Scanned by CamScanner

توضيحات

1. پهرين مصرع ۾ سال شهادت معنوي طرز ۾ چيل آهي جڏهن تہ ٻي مصرع ۾ تخرجہ جي صورت ۾ يعني حرف ميان مان 1،5 جاڻنگ سال شهادت لاءِ حاصل ڪيا ويا آهن.
2. عربي قاعدي ۾ همزه اصلي بجائي خود جزو ڪلمہ بنجي ٿو وڃي ۽ هڪ مستقل حرف جي صورت اختيار ڪري ٿو جيئن يشاء، جاء، ان ڪي همزه اصلي چيو وڃي ٿو، ۽ جيئن تہ اهو الف جو آواز ڏي ٿو ان ڪري هن جو هڪ عدد ورتو ويندو، ۽ اهوئي هڪ عدد هتي جلاء جي همزه مان ورتل آهي.
3. حضرت امام حسن المجتبيٰ ؑ جي شهادت جو سال ٥٠هہ آهي جيڪو فقير صاحب نظم ڪيو آهي. ليڪن منشي سلامت راء پنهنجي نسخہ ۾ سال شهادت لاءِ حرف مهي لکيو آهي جنهن جا عدد ٥٥ آهن پر اِهو سال شهادت درست ناهي.
4. حضرت امام زين العابدين ؑ جي شهادت جو سال سنڌ جي نامور مرثيہ گو شاعر ۽ محقق مير محمد حسن علي خان ٽالپر پنهنجي مرثيہ ۾ هيئن ڄاڻايو آهي:

"سال هو پنجانوي هجرت رسول ذوالجلال"

عصر حاضر جي محقق علامہ سيد نجم الحسن ڪراروي ڪتاب چوده ستاري ۾ ٩٥هہ ڄاڻايو آهي فقير صاحب سال ٩٤هہ ڄاڻايو آهي. ايترو تہ اختلاف ٿي سگهي ٿو جنهن لاءِ حسن علي خان ٽالپر پنهنجي هڪ تاريخي مرثيہ ۾ چيو آهي:

"اڪثر اقوال ۾ ظاهر ڏسو ٿا اختلاف"

Scanned by CamScanner

پر منشي سلامت راءِ "باڪمال" جي جاءِ تي "بوڪمال" لکي سال شهادت ۹۹ هه ڄاڻايو آهي جيڪو غلط آهي.

5. حضرت امام محمد باقر ؑ جو سال شهادت ١١٤هه آهي (حسن ٽالپر ۽ مولانا ڪراروي) فقير صاحب صرف زلف مان ١١٧هه شهادت جو سال برآمد ڪري ٿو. منشي سلامت راءِ ماده تاريخ سان گڏوگڏ مصرع اول و ثاني ۾ تبديل ڪئي آهي. اها تبديلي هن ريت آهي:

زان سبب مِهاد دين وصل محمدً باقر است

کوچُنان گسترد دین راکز کرانی تاکران

"مهاد دين" عربي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي واضح ۽ عدد ١١٤هه آهن. لفظ "ڪران" جي معنيٰ آهي انتها. فقير صاحب ماده تاريخ جي مصرع ثاني ۾ حرف اتم استعمال ڪيو آهي جنهن جي معنيٰ گهڻو پورو/ ڪامل آهي. معنوي اعتبار سان فقير صاحب جو چيل ماده تاريخ پنهنجو مثال پاڻ آهي ۽ فقط تاريخي اعتبار سان منشي سلامت راءِ جو لکيل ماده تاريخ درست آهي.

6. حضرت امام علي تقي ؑ جو سال شهادت مير حسن ٽالپر ۽ علامه ڪراروي صاحبان ٢٥٤هه ڄاڻايو آهي پر فقير صاحب ٢٥٥هه ڏسائي ٿو.

7. حضرت امام حسن العسڪري ؑ جو سال شهادت مير حسن ٽالپر ۽ علامه ڪراروي صاحبان ٢٦٠هه بيان ڪيو آهي جڏهن ته فقير صاحب ٢٦٣هه جو اظهار ڪيو آهي.

8. مڪتب تشيع وٽ تاريخي اعتبار سان امام ؑ جي غيبت صغريٰ جو سلسلو ٢٦٠هه کان شروع ٿيو ۽ ٣٢٩هه ۾ ختم ٿيو اُن کانپوءِ غيبت ڪبريٰ جو آغاز ٿيو جيڪو اِڃا هلي پيو.

اسين مٿي اهو ڄاڻائي آيا آهيون ته مير حسن علي خان ٽالپر تاريخي اوڻاين تي وڌيڪ بحث کان اجتناب ڪرڻ لاءِ واضح

فرمايو تہ: ”اڪثر اقوال ۾ ظاهر ڏسو ٿو تا اختلاف“. لهذا اسين انهيءَ نتيجي تي پهتا آهيون جيڪو تاريخي مخطوط فقير صاحب جي مطالع ۾ هو اُن ۾ جيڪي شهادت جا سَنَ ڄاڻايل هُئا اُهي فقير صاحب درج ڪيا، البت اهڙي نسخہ بابت فقير صاحب جن نشاندهي ڪن ها تہ وڌيڪ بهتر هو. مير حسن علي خان ٽالپر ۽ علامہ ڪراروي صاحبان وٽ جيڪي نسخہ ها هُنن انهن مان سال شهادت ورتا آهن. مير صاحب سيد مرتضيٰ علم الهديٰ ۽ علامہ محمد باقر مجلسي عليہ الرحمہ جي تصنيفات ۾ حوالا ڏيندي فرمايو آهي تہ: ”تن جي تحقيقات ۾ بي شڪ نہ ڪا شبہ ڪي جا“. ۽ فقير صاحب جي عرق ريزي پنهنجي مقام تي قابل تحسين آهي.

مير حسن علي خان ٽالپر (١٢٤٠هہ/١٣٢٤هہ) جي مرثين جي ذخيره ۾ آنحضورﷺ جي شهادت ڪان وٺي حضرت امام حسن العسڪري عليه السلام جي ولادت ۽ سال شهادت ۽ سال، ڏينهن، عمر وغيره ڇهن مصرعن ۾ تاريخ گوئي جي صنعت صوري ۾ بيان ڪيل آهي جڏهن تہ حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت جو سال تخرجہ جي صورت ۾ لفظ نبيءَ مان هيئن ڄاڻايو ويو آهيٰ: ”هي وڃئون قلب نبيﷺ“، نبيﷺ جو قلب آهي ب اُن کي ختم ڪرڻ سان باقي بچندا ن. ي جنهن جا ابجد جي سان ٦٠ عدد ٿين ٿا جيڪو سال شهادت اڪثر شاعرن ڄاڻايو آهي. مثال رباعي ميرزا فتح علي بيگ فتحؔ (١٢٢٠هہ/١٣٠١هہ):

نالي ۾ ٿي ح حق جي حمايت جي لاءِ
۽ سين ٿي سائل سان سخاوت جي لاءِ
ٿيا نام حسين عليه السلام ۾ بہ ڇا خوب حروف
ي ·ن آه تاريخ شهادت جي لاءِ.
(١٠) (٥٠)

اهي تاريخي مرثيہ سال 1965ع ۾ ”شاهڪار حسن“ جي نالي سان انجمن اماميہ سنڌ حيدرآباد شايع ڪرايا هئا ۽ ٻيهر حسن ٽالپر اڪيڊمي پاران اشاعتي مرحلن هيٺ آهن.

9. جن نسخن جو اسين مقدمہ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون اُنهن زير مطالعہ نسخن ۾ عنوانن جي بجاءِ سرنامہ ”تاريخهائي“ لکيل آهي پر جيڪڏهن ”تاريخهائي واقعات شهادت“ لکيو وڃي ها تہ بهتر ٿئي ها. جيئن پڙهندڙ عنوان مان ئي اندازو لڳائي ها تہ هي قطعہ ڇا جي متعلق آهي. هن تاريخي قطعہ ۾ اُنهن ٽن شهادتن جا سال ضروري وضاحت سان ڏسايا ويا آهن جيڪي آنحضورﷺ جي شهادت ڪانپوءِ رونما ٿيا.

پهريون واقعو:

سال ٦١هہ ۾ رونُما ٿيو. جنهن ۾ ڪربلا جي ميدان ۾ حضرت امام حسين ؑ ۽ سندن عزيز و اقارب و انصار جي ١٠ محرم الحرام جي ٿي. هن واقعہ جو مختصر احوال اسان پنهنجي مرتب ڪيل ”بياض قضيو ڪربلا جو ۽ سنڌي سلام“ (پهريون حصو مطبوعہ گلشن پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ 1994ع) مان نقل ڪريون ٿا.

ماہ محرم ٦١ هجري جي ٢ تاريخ خميس جي ڏينهن حضرت امام حسين ؑ نواع نينويٰ ۾ ڪربلا جي مقام تي پهتو ٣ تاريخ عمر بن سعد چار هزار لشڪر سان ڪوفي مان اچي پهتو ۽ امام جي خيمن آڏو خيمہ کوڙي پيغام موڪليائين تہ اوهان هت ڇو آيا آهيو امام ؑ جن فرمايو تہ مون کي خط لکي گهرايو ويو آهي اگر منهنجو اچڻ اوهان کي ناپسند آهي تہ آئون حجاز واپس وڃان ٿو ابن سعد انهيءَ مضمون جو خط ابن زياد کي لکيو جنهن جي جواب ۾ ابن زياد لکيو تہ ”تنهنجو خط مليو مضمون کان آگاهي ٿي حسين بن علي کي چئو تہ پاڻ ۽ سندس ساٿي يزيد جي بيعت ڪن ان ڪانپوءِ فيصلو ڪيو ويندو انهيءَ سان گڏوگڏ

Scanned by CamScanner

ابن زياد جو ٻيو خط هن مضمون سان پهتو "حسين ۽ سندس ساٿين جو پاڻي فوراً بند ڪيو وڃي" هي خط ملندي ئي عمر بن سعد عمرو بن حجاج کي چار هزار سوار ڏئي حڪم ڏنو ته ابوعبدالله ۽ فرات جي وچ ۾ حائل ٿي وڃو ۽ سندن پاڻي بند ڪري ڇڏيو. امام عليه السلام رات جو ابن سعد کي ملاقات لاءِ گهرايو ملاقات کان فارغ ٿي ابن سعد پنهنجي خيمه ۾ آيو ۽ ابن زياد کي خط ۾ لکيائين ته "خدا جنگ جي باهه اجهائي ڇڏي آهي. حسين ابن علي حجاز يا ٻي ڪنهن اسلامي سرحد ڏانهن وڃڻ لاءِ آماده ٿي ويو آهي" هي خط ملندي ئي ابن زياد ڪجهه نرم ٿيو پر پاڻ سان گڏ ويٺل شمر بن ذي الجوشن جي ڀڙڪائڻ تي ان جي هٿان ابن سعد کي حڪمنامو موڪليائين ته اگر حسين ۽ انجا اصحاب بنان ڪنهن شرط جي هٿيار ڇڏن ٿا ته هنن کي ڪوفي موڪليو وڃي نه ته جنگ ڪري سيني جا سِر وڍي موڪليا وڃن شمر ڪربلا پهتو. ابن زياد جو خط عمر بن سعد کي ڏنائين. ڪجهه دير پاڻ ۾ گفتگو ڪيائون جنهن کان پوءِ ابن سعد امير جي حڪم جي تعميل لاءِ راضي ٿي ويو. شمر ملعون خيام حسيني دريا تان هٽائي مڪمل طور تي پاڻي بند ڪري ڇڏيو. ان وقت عمر بن سعد گهوڙي تي سوار ٿي پنهنجي لشڪر کي چيو ته:

ياخيل الله اركبي وبالجنته الشري

ترجمو: (اي الله جا سوارو! سوار ٿي وڃو ڏسو اوهانکي جنت ۾ جاءِ ملندي.)

تعجب آهي ته اهو فقرو حبيب خدا ﷺ جن هڪ غزوه جي موقعي تي پنهنجي اصحاب کي اسلام جي دفاع جي دعوت ڏيندي فرمايو هو ۽ ساڳيو ئي فقره ابن سعد ٩ محرم جي شام جو ڪربلا ۾ فرزند رسول خدا ۽ انجي برحق جانشين ۽ آن جي فرزندن، عزيزن ۽ اصحابن جي خلاف استعمال ڪيو.

مذڪوره فقرو ٻڌي يزيدي لشڪر هٿيار کڻي خيام امام ڏي وڌڻ لڳو جناب عباس عليه السلام امام عالي مقام جي خدمت ۾ اچي

اطلاع ڏنو ۽ حڪم امام ﷷ سان لشڪر جي آڏو اچي اوچتو حملي بابت سوال ڪيو جنهن جي جواب ۾ اهل جفا چيو تہ امير جو حڪم آهي تہ اوهين هٿيار ڇڏيو نہ تہ اسين اوهان سان جنگ ڪنداسين. جناب عباس ﷷ انهيءَ جواب کان امام مظلوم کي آگاه ڪيو ۽ حڪم امام زمانہ سان هڪ رات جي مهلت طلب ڪئي. هڪ رات جي مهلت ملي. امام دو جهان پنهنجي اصحابن کي جمع ڪري ارشاد فرمايو:

”آئون بهترين طريقي سان خدا جو شڪر ادا ڪريان ٿو . آئون عافيت ۽ مصيبت ۾ انجي حمد ڪريان ٿو. خدايا آئون تنهنجو شڪرگذار آهيان جو تون اسان کي پيغمبري جي نعمت عطا ڪئي، قرآن سيکاريو. دين ۽ احڪام دين جي سمجهہ عطا ڪئي، اکيون ڪن ۽ دل ڏنا. شرڪ جي آلودگي کان پاڪ رکيو ۽ نعمتن تي شڪر جي توفيق عطا ڪئي.

خد اوهان سيني کي جزا ئي خير ڏي اوهان سيني کي اجازت ڏيان ٿو تہ هتان هليا وڃو اوهين سڀ آزاد آهيو ڪنهن تي ڪابہ پابندي ڪانهي.“

مگر اصحاب امام جان نثاري ۽ استقلال و استقامت جو مسلسل اظهار ڪندا رهيا ۽ امام برحق پنهنجي فرزندن، عزيزن ۽ اصحابن سميت شب عاشور نماز، دعا ۽ استغفار ۾ گذاري. ٽن ڏينهن جي شديد اڃ سبب معصوم ٻار خيمن ۾ بيتاب هئا. برير همداني ڪوشش ڪري مشڪ پاڻي جي ڀري آيو ۽ جڏهن خيمن جي آڏو آڻي زمين تي رکي ٻارن کي سڏ ڪيائين ۽ ٻار پاڻي پيئڻ لاءِ بيتاب ٿي جيئن ئي مشڪ جي قريب آيا تہ اوچتو مشڪ جو تسمون کلي پيو پاڻي سمورو وهي ويو ۽ پياسا ٻار نراسا ٿي خيمن ۾ واپس ويا.

صبح عاشور نماز کان فارغ ٿي فوج حسيني صف آرا ٿي جنهن ۾ ڪل ٻٽيهہ سوار ۽ چاليهہ پيادا هئا زهير بن قين کي ميمنہ ۽ حبيب ابن مظاهر کي ميسره تي امام ﷷ مقرر فرمائي

Scanned by CamScanner

علم اسلام پنهنجي ڀاءُ جناب عباس عليه السلام کي عطا فرمايو.

فوج اشقيا جي پڻ صف آرائي ٿي. ميمنہ عمرو بن حجاج ۽ ميسره شمر بن ذي الجوشن جي حوالي ٿي. دشمنن حملي ڪرڻ جي تياري ڪئي امام مظلوم دعا لاءِ هٿ بلند ڪيا:

”بار الٰہ! هر مصيبت جي وقت مون کي توتي ئي ڀروسو آهي. هر سختي ۾ تو ۾ ئي اميد آهي. هر مشڪل ۾ تون ئي منهنجو چاره ساز ۽ سهارو آهين. مون ڪيترن ئي اهڙين پريشانين ۾ جن کان دل مايوس ٿيڻ لڳي ٿي، جن جو علاج نظر نہ ٿو اچي، جنهن ۾ دوست ساٿ ڇڏي ٿا وڃن ۽ دشمن خنده زني ٿا ڪن مون سين کي ڇڏي توکان مدد طلب ڪئي آهي تہ تو انهن پريشانين کي دور ڪيو آهي. هر نعمت ۽ هر نيڪي تنهنجي ئي طرفان آهي ۽ سڀ ڪجهہ توکان ئي گهرڻ گهرجي.“

هيڏانهن دعا ختم ٿي ۽ هوڏانهن عمر بن سعيد لڙائي جو آغاز ابوعبدالله جي طرف تير اڇلائي ڪيو ۽ پنهنجي لشڪر کي مخاطب ٿي چيو تہ ”ابن زياد جي اڳيان گواهہ رهجو تہ مون سڀ کان پهرين جنگ شروع ڪئي آهي.“

ارض نينوا ۾ ظهر تائين شديد جنگ ٿي ڪربلا جي گرم زمين تي اصحاب و انصار حسيني جي لاشن سان گڏ بني هاشم جي نونهال ۽ نوجوانن جا لاشا مظلوم دشت ڪربلا جي اڳيان موجود هئا. خيمہ ۾ معصوم ٻارن جون دل ڏاريندڙ العطش جو صدائون مگر فرزند رسول صبر جي انتها ڪندي پنهنجو ڇهن مهينن جو لعل پاڻي لاءِ فوج اشقيا آڏو آندو. جنهن کي چند قطرا پاڻي تہ نہ مليو پر آب تير سان سيراب ڪري ظالمن پنهنجي شقاوت جو ثبوت ڏنو. امام پنهنجي معصوم فرزند کي دفن ڪري، اهل حرم کان موڪلائي ميدان ڪارزار ۾ پنهنجي شجاعت جا جوهر ڏيکاري سرتاپا زخمي ٿي نماز عصر جي ادائگي لاءِ سجدي ۾ سر رکيو شمر ملعون خنجر ڪٽي اڳتي وڌيو مظلوم جي گردن تي ظالم جي خنجر جو هلڻ هو يا اسلام جي تاريخ جو

Scanned by CamScanner

رخ بدلجي ويو. پر عظمت و وقار تاريخ شهادت جي پهرين صفحہ تي امام عالي مقام جو نالو روشن الفاظن ۾ رت جي مس سان تحرير ٿي ويو. سر ڌڙ کان ڌار ڪري سانگ تي سوار ڪيو ويو. مظلومن جي لاشن کي گهوڙن سان پامال ڪيو ويو. خيمن کي باهيون ڏئي اسباب لٽيو ويو. ١١ محرم تي سيئي لاشا بيدفن ڇڏي اهل حرم کي امام سجادؑ جي سربراهي ۾ قيد ڪري ڪوفہ جي بازارِ دربارِ شام جي بازارِ دربار ۾ تشهير ڪري يزيد جي حڪم سان قيد ڪيو ويو. امام مظلوم جي سيني تي سمهڻ واري 2 ورهين جي معصوم ڌيءُ جناب سڪينہ خاتون شام جي زندان ۾ رحلت ڪئي. جڏهن ٦٢ هجري ۾ يزيد ملعون اهلبيت کي قيد مان رها ڪيو تہ فاتح ڪوفہ و شام شريڪته الحسين جناب زينب عاليہ سلام الله عليها پنهنجي پاءُ جوماتم برپا ڪري قيامت تائين دنيا تي ثابت ڪري ڇڏيو تہ شهادت حسين ۽ انصاران حسين جي نتيجي تي قرآن مجيد جي هي آيت تا قيامت گواهہ آهي:

قل جاءَ الحق و زهق الباطل ان الباطل ڪان زهوقا.

ٻيو واقعو:

حسين بن منصور حلاج جو بي گناهہ قتل جنهن جو تفصيلي بيان ڪتاب "شهيد انا الحق حسين بن منصور حلاج" (مصنف غفار پتو صاحب) ۾ ڄاڻايو آهي جنهن مان اقتباسات اسين هتي درج ڪري رهيا آهيون.

اهو ٢٤ ذي القعد ٣٠٩هہ/25-26 مارچ 922ع جي سومر وارو ڏيهاڙو هو ۽ "جشن نوروز" برپا هو جڏهن بغداد جي "باب خراسان" وٽ پوليس چوڪيءَ سامهون درياءَ دجلہ جي ٱلهندي ڪناري ڪربلا جي قضيي ڪانپوءِ ..... وري سالڪن جي قبيلي سان لاڳاپو نيائيندڙ الله جي ڪامل وليءَ ۽ حال مست صوفين جي امام حضرت حسين بن منصور حلاج جي لاءِ مقتل سجايو ويو.

جڏهن چمڙي جو لباس پاتل حبشي شاهي جلاد "ابوالحارث السياف"...... حسين بن منصور حلاج جي ڪمزور بَدَنَ جي اگهاڙي پُٺيءَ تي ڦٽڪا هڻڻ شروع ڪيا تہ نهايت خوفناڪ وحشي جلاد سميت لشڪر ماڻهن جا حيران ۽ پريشان هيا.. پوري زور سان ڦٽڪا هڻندڙ حبشي جلاد هڪڙي طرف بيهي سهڪي رهيو هو ۽ هجوم تي سڪتو طاري هيو پر هن مست حال فقير، حسين جي وات مان آهہ بہ ڪونہ نڪتي.

حڪم موجب جڏهن هڪ هزار ڦٽڪن جي ڳڻپ پوري ٿيڻ ڪانپوءِ پٽرن وسائڻ جو وارو آيو تڏهن امير حامد بن عباس ۽ قاضي بهلول بہ اهو نظارو ڏسڻ لاءِ پنهنجي حمايتن سان گڏجي مقتل گاهہ جي اڇي ويجهو ٿي بيٺا.

ٻئي ڏينهن چڙهڻ شرط...... سزا واريءَ جي قانون موجب "جڏ حبشي جلاد ابوالحارث السياف" حسين بن منصور حلاج جا هَٿَ ۽ پير مُڏي ڇُريءَ سان وڍڻ شروع ڪيا تڏهن هجوم روئڻ ۽ ماتم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.

حبشي جلاد جڏهن حسين بن منصور حلاج جون ٻيئي اکيون ڪڍڻ ڪانپوءِ سندن زبان بہ وڍڻ جي ڪوشش ڪئي تڏهن ماڻهن جي روئڻ ۽ ماتم ڪرڻ جو گوڙ ويتر وڌي ويو.... ڪي وري ويتر جوش ۾ نفرت منجهان پٿر وسائي رهيا هُئا.

جڏهن سندن زبان بہ ڪَپي ويئي تڏهن هرڪو روئي ويٺو.

ٽئين ڏينهن ڦاهيءَ تي لٽڪيل حسين بن منصور حلاج جي لاءِ خليفي مقتدر بالله جو حڪم نامو آيو تہ سندس سسي ڌڙ کان ڌار ڪئي وڃي ...... انهيءَ وقت بغداد شهر ۾ ڌوڙ جو طوفان اچي ويو ۽ ڪاري رنگ جي ريگستاني واريءَ جو جهڙ تہ مينهن وسڻ لڳو، اونده ڇانئجي ويئي. تماشو ڏسندڙن سميت سڄي شهر جا ماڻهو ماتم ڪندا گهرن منجهان نِڪري درياء دجلہ جي پرسان سجايل هِنَ مقتل گاهہ طرف ڊوڙندا رهيا. هر طرف رڙيون ۽ آهہ و زاري برپا هُئي. "فراق" ۽ "وصال" جي بہ واٽي تي بيٺل هن صوفيءَ

۽ ”وحدت الوجود“ جي پرچارڪ جي، اُنهيءَ گهڙيءَ عمر مبارڪ اٽڪل 65 سال هُئي.

(ب)

آخرڪار پورو هڪ سال گذري ويو... حضرت حسين بن منصور حلاج جي سسيءَ مبارڪ جي مختلف هنڌن تي نمائش ڪرائڻ کان پوءِ ڪيس خليفي جي ماءُ ”شغب“ جي خواهش ۽ ايلازن تي سندس حوالي ڪيو ويو جنهن هڪڙي دلير ۽ خدا ترس شخص ”دعلج“ جي مدد سان حسينؒ جي سسيءَ کي نهايت عزت احترام سان پنهنجي پاءُ جي مقبري پرسان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو.

الف

عمار حڪم جي تعميل ڪندي مقتل گاه ڏانهن سپاهين سميت پيڳو ۽ دجله درياءَ تي ڪاٺ جي ٺهيل پُل جي جهنگلي کي پيچي ڪائين جي ڍير تي حضرت حسين بن منصور حلاج جي سسيءَ ڪپيل ۽ هٿ پير وڍيل جسم رکي تيل سان ٻوڙي باهه لڳائي ڇڏيائين.

ٽيون واقعو:

صوفي شاه عنايتؒ جي بيگناه سفاڪاڻه قتل جو آهي جنهن کي فقير بيدلؔ صاحب نظم جو جامه پهرائي پيش ڪيو آهي اُن متعلق اختر درگاهي صاحب پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب ”بيدلؔ جو اردو ڪلام“ جي صفحه 67 تي لکيو آهي ته:

”بيدلؔ سنڌ جو اهو پهريون صوفي آهي، جنهن شاه عنايت جي شهادت جو احوال ۽ اُن جي طريقت جو سلسلو تفصيل سان لکيو آهي.“

مثنوي دلڪشا جي صفحه 22 ۽ 23 تي آيل صوفي شاه عنايتؒ جو احوال هن هيٺ نقل ڪريون ٿا. هي نثري ترجمو ڊاڪٽر شوقؔ صاحب جو ڪيل آهي. هن هنڌ هي وضاحت

ڪرڻ ضروري آهي تہ شاهہ عنايتؒ جي احوال تي مشتمل اشعار قطعہ تاريخ جي زُمري ۾ بہ اچن ٿا پر اُنهن کي "مثنوي تواريخ" چئجي تہ بهتر ٿيندو. هي مثنوي بحر هزج مسدس محذوف الاخر ۾ چيل آهي. جنهن جي آخر ۾ ماده تاريخ نظم ڪيو ويو آهي.

هڪ قصيدي ۾ شاهہ شهيد جي صفت ۽ ساراهہ بيان ڪرڻ کان پوءِ سندن سير سفر جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي. وٽن عقيدت مندن جو ميڙو ڏسي مُلن جو حسد ڪرڻ ۽ سندن ولايت جو واسُ پري پري تائين پکڙجي وڃڻ، تنهن ڪري بي شمار عقيدتمندن جو وٽن حاضر ٿيڻ، انهن سڀني ڳالهين سبب دشمنن سندن خلاف سازش سٽي، فرخ سير کي پڙڪايو. شاهہ شهيد پنهنجن خليفن کي فرمايو تہ: "هي محبوب حقيقي جو ناز آهي."

هن هيٺ انهيءَ قصيدي جو سنڌي ترجمو اختصار سان ڏنو وڃي ٿو.

هُو (شاهہ عنايت) اهڙو شاهنشاهہ آهي، جنهن جو عرش تي آستانو آهي. هُو عشق جو هماءُ (ڀاڳ ۽ بخت) آهي ۽ سندس رهائش ملائڪن واري هنڌ آهي. هُو مجسم نور آهي، جڏهن کان هن ناسوتي ملڪ ۾ آيو تہ لامڪان جي ڳولا شروع ڪيائين. ملتان وڃي اتي سال کن رهيو ۽ اتان جي بزرگن سان روح رچنديون رهاڻيون ڪيائين. پوءِ سندن ارشاد موجب دکن ويو ۽ بعد ۾ برهانپور ويو. اتي شاهہ عبدالملڪ سان ملاقات ڪيائين اتان کين ڳُجها راز معلوم ٿيا ۽ ولايت جي وڏي درجي تي پهتا. موڪلائڻ مهل مرشد کين هڪ ترار ڏني ۽ چيائينس تہ، "هيءَ آزمائش مهل توکي ڪم ايندي ۽ وڏي درجي تي پهچائيندي. ايڏو وڏو درجو جنهن تي عارف ريس ڪندا. مصيبت صبر سان سهي وڃجانءِ."

شاهہ دکن کان دهلي آيو، جتي ڪيترائي سيّد سندن مريد ٿيا ۽ کانئن فيض حاصل ڪيائون. پوءِ خراسان ويو ۽ اتان کان

پنهنجي وطن وريو. هزارين سندن مريد ٿيا. اهو ڏسي مُلن کي مٿيان لڳي ۽ سندن دشمن ٿي پيا. ماڻهن جي وڏن گهڻي اچ وڃ ڏسي کن کين جادوگر سڏيو. جيئن پيغمبرن کي مخالف اهو لقب ڏيندا هئا. ان وقت سنڌ جو حاڪم عباسي (ڪلهوڙو) هو. جنهن کي گهڻي ڪاوڙ آئي ۽ هن دهلي دانهن ڏني ۽ فرخ سير کي سندن خلاف ڀڙڪايو. هنن دهلي جي حاڪم کي ٻڌايو ته شاه عنايت فقيرن جي فوج گڏ ڪري رهيو آهي ۽ هڪ ڏينهن ملڪ تي قبضو ڪري وٺندو. پوءِ فرخ سير فسادين جي چڱي مڙس ڪلهوڙن کي هڪ وڏو لشڪر ڏنو ته جيئن هو شاه ۽ سندن مريدن جو خاتمو ڪري ڇڏي.

نيٺ شاه عنايت ۽ سندن مريدن خادمن تي حملو ڪيو ويو. هڪ شمر جهڙي شخص شاه عنايت تي ٻه ٽي وارا ڪيا، پرانهن جو ڪو خاص اثر نه ٿيو. پوءِ شاه عنايت قاتل کي پنهنجي ترار ڏئي چيو ته، "اچي هيءَ ترار وٺ." انهي ترار سان کين شهيد ڪيو ويو. سندن سر مبارڪ ڪٽي آندو ويو. بعد ۾ دهلي نيو ويو. جڏهن جاهل فرخ سير شاه جو سر ڏٺو ته ڏاڍو خوش ٿيو. ان کان پوءِ سر مبارڪ نيزي تي رکيو ويو. اهو منظر ڄڻ "اسريٰ بعبده" جو هُوبهو تفسير هو. ان کان پوءِ سندن سر مبارڪ عزت ۽ ڪرامت سان سنڌ پتهو. جڏهن سندن سر ميران پور پهتو ته پنهنجي ڌڙ سان ملي هڪ ٿي ويو. فقيرن ۾ ماتم مچي ويو. کين ميران پور جنت وارجوءِ ۾ دفن ڪيو ويو.

10. شاه عنايت صوفي جي بهيمانه قتل تي فقير بيدؔل صاحب جيڪي تاريخي اشعار چيا آهن اُنهن جو تعارف ۽ واقعي جو احوال اسين مٿي ڄاڻائي آيا آهيون. هتي اسين "بيدؔل جو اردو ڪلام" جي صفحه 67 کان 69 تائين ڏنل هنن اشعار بابت ڪجهه درستيون ڪريون ٿا:

☆ اشعار جي ڪمپوزنگ ان طرح سان ٿيل آهي جو خبر ڪانه ٿي پوي ته شعر جي ٻي مصرع ڪٿان ٿي شروع ٿي.

☆ مخطوط ۾ جيئن عنوان جي عبارت جو آغاز لفظ قصيده سان ٿئي ٿو تيئن ئي مُرَتب برقرار رکيو آهي. حالانڪ بيدل فقير جهڙو دانشمند ۽ علم عروض جو ماهر ڇا قصيده، مثنوي يا قطعہ جي فرق کان واقف نہ هو. ضرور هو، ليڪن ڪاتبن اگر ڪتابت جي غلطي ڪئي آهي تہ اُن جو تدارڪ ڪرڻ تمام ضروري آهي.

☆ اشعار نقل ڪرڻ يا ڪمپوزنگ مهل ذرو بہ توجہ نہ ڏنو ويو آهي جنهن ڪري الفاظ ڪجهہ جا ڪجهہ ٿي ويا آهن. مثال طور:

ب-3 مصرع ثاني اصل ۾: شهود ذات بحت وبي نشاني

چيپيل نسخہ ۾: شهود ذات بجت وڪاشاني

بجت لفظ آهي ئي ڪونہ. جڏهن تہ بحت عربي زبان جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ صرف، خالص آهي.

ب-7 مصرع ثاني اصل ۾	:	بر مجذوب شيخ مستعاني
چيپيل نسخہ ۾	:	بهر مجذوب شيخ مستعاني
ب-11 مصرع ثاني اصل ۾	:	بفرمود اينڪہ وقت امتحاني
چيپيل نسخہ ۾	:	بفرمود اينکه وقت جاني
ب-19 مصرع ثاني اصل ۾	:	بملک خود بہ عزوا صيلاني
چيپيل نسخہ ۾	:	بملک خود بعزو وا صلاني
ب-25 مصرع ثاني اصل ۾	:	چوهريک از رسل را ڪافراني
چيپيل نسخہ ۾	:	چوهريکي از رسل را ڪافراني
ب-30 مصرع ثاني اصل ۾	:	بينديشيد نادان سست جاني
چيپيل نسخہ ۾	:	بينديشيد نادان سنت جاني
ب-40 مصرع ثاني اصل ۾	:	نشستہ را جي آن مژدگاني
چيپيل نسخہ ۾	:	نشستہ راجي آن مردگاني
ب-44 مصرع ثاني اصل ۾	:	ڪہ دست مزد تست اِما اَداني
چيپيل نسخہ ۾	:	ڪہ دست مزد تست آراني
ب-58 مصرع اوّل اصل ۾	:	چَودر ميران پور آمد راس اشرف
چيپيل نسخہ ۾	:	چودر ميران پور آمد راس اشر

Scanned by CamScanner

درحقيقت هي سَٽ بندن تي مشتمل قطعه فقير صاحب جو علمي شاهڪار آهي جنهن مان مرثيه ۽ شهادت نامه جي جهلڪ پڻ نمايان آهي. حالانڪ علم عروض ۾ قطعا اهڙو آهي جنهن ۾ هڪ شعر جو مطلب ٻئي شعر سان تعلق رکندو هجي يعني هن جو مضمون مثنوي وانگر مربوط ۽ مسلسل ٿئي ٿو. قطعه غزل يا قصيده وانگر مطلع نه ٿو ٿئي ۽ فقط آخر واريون سيئي مصراعون پاڻ ۾ هم قافيه ٿين ٿيون. قطعه جا شعر گهٽ ۾ گهٽ ٻه ٿيندا آهن پر وڌيڪ شعر چوڻ لاءِ ڪا حد مقرر ناهي.

Scanned by CamScanner

ضمیمو (1)

رقعه منظوم در دفع اشکال مولوی عبدالرحمٰن که در ترکیب الفاظ مذکور آورده بود ترقیم یافت

ای در هر علم باکمالی
در نحو زمخشری مثالی

خلجان که بشعر من عیان بود
دفعش ز خیال من نهان بود

الحال بیمن مقدم تان
باد آمد دفع وی بآسان

کین صورت هوبهو ست پیدا
از سعدی برگزیده شعرا

ای بار خدای گیتی آرای
بربنده پیر خود به بخشای

پیر است صفت که درمیان است
تائید کلام یکسان است

بنده است مضاف خود الهش
خود نیک بدانی ای قوی هش

دربارهٔ خاکسار بیدل
فرمای دعای عشق کامل

Scanned by CamScanner

ضميمو (2)

تاريخ وفات حضرت بيدل شاھ

ماه تابان عالمان رفته فیض او درجهان عیان رفته

شاه شاهان مرشد کامل برسر ملک ملی نشان رفته

صوفی و قادری که در دو راں مرغ بود و به آشیان رفته

کرد رحلت ز عالمِ ناسوت شاه خندان به جاودان رفته

من که بنده ز بندگان درگاه شیر بود اوکه از جهان رفته

خواجهٔ خواجگان قادر بخش پاس بوده ز شب که آن رفته

شانزده ماه ذیقعد دانی پنجشنبه که زین زمان رفته

گشت مدفون به چاشت آن نوز این چه گویم که شه شهان رفته

کردم از هاتف این سوال وصال گفت بر سر لامکان رفته

(۱۲۸۹ھ)

پانزده هشت با نهم گشته سال وصلش زهاتفان رفته

هست حیدر که بسمل مسکین سائلش برآسر آستان رفته (1)

تاریخ وصال سلطان العاشقین سرگروہ عارفین سرتاج کاملان سرخیل موحدان قدس اللہ روحہ وافاض علی قلبی فتوحہ

منال ای دل ز باعث نا مرادی　　که مرشد کامل توهست هادی
ندیده کس بمثلش ناشنیده　　مریض عشق را بخشنده شادی
سراج العارفین سخنش فدایم　　بزم افروز باشمع شهادی
بود تلمیذ چون عطار..........　　به شعر وحدت کشور کشادی
شه منصور پیشش بوبنده　　سبب پیشوای آن منادی
دِلا اهل یقین شو پیش مولا　　که آبادی کننده هست وادی
دلم پُردرد از روحش پر سید　　که سال رحلت مشهود شادی
بود تاریخ آن شانزدهٔ به نظرت　　شهر ذوالقعد موسم بعد آن دی
دوازده صدنهم هشتاد بوده　　بکن با دِل هین غم درد یادی
(۱۲۸۹ھ)

شنو اَی اهل دل آن روز پنج شنبه　　بوقت صبح صادق شد بهادی
مرید شاه بیدل هست بیکس　　که عاصی مجرم و مخذوابدی۔ ☆(۲)

ایضاً

زبدة الفاضلین علم یقین　　قدوة العارفین قادر بخش
سال ترحیلش از خرد جستم　　گفت در ذات حق محی بود
(۱۲۸۹ھ)

ايضاً

وا دریغا کہ سالک کامل ‌‌ راند ناگہ ز دار دنیا رخش
هاتفم گفت سال ترحیلش ‌‌ بود طالب وحید قادر بخش

(۱۲۸۹ھ)

تاریخ وصال حضرت بیکسؔ صاحب شهید

آن یار نوجوان کہ خوش بود صحبتش ‌‌ رفت از جهان، بماند از داغ حسرتش
سال رحیل آن زخرد جست گفت ناگہ ‌‌ باوصف پاک محمد محسن شهید شوقش (3)

(۱۲۹۸ھ)

حوالا

(1) هيءَ قطعہ تاريخ غلام حيدر قاضي متخلص بہ بسملؔ جي چيل آهي.

☆ مقطع جي ٻي مصرع عربي زبان ۾ آهي جنهن جو ترجمو آهي ”آئون ڏوهاري آهيان منهنجو هَٿ جهل“ . هت شاعر قافيو برقرار رکي نہ سگهيو آهي.

(2) هي قطعہ تاريخ فقير عبدالقادر بيدلؔ جي فرزند محمد محسن بيڪسؔ جي چيل آهي.

(3) هي قطعہ تاريخ محمد محسن بيڪسؔ جي رحلت تي چيل آهي. شاعر جو نالو اُن نسخہ ۾ ڇاڻايل ناهي جيڪو منشي سلامت راءِ ڪڪريجي جو تحرير ڪيل آهي. اُن ۾ هي قطعہ تحرير ڪيل آهي.

كتابيات

1. القرآن الكريم اردو: مترجم مولانا محمد جوناڳڙهي
مطبوعہ شاه فهد قرآن كريم پرنٽنگ كمپليڪس

2. روح القرآن اردو: مؤلف الحاج مولانا سيد نجم الحسن ڪراروي
مطبوعه: اماميہ ڪتب خانہ. لاهور 8

فارسي ڪتاب

3. غياث اللغات — از مُلا غياث الدين

4. لغات كشوري — عبدالمومن فاروقي
مطبوعہ: نولكشور پريس — طبع هشتم 1952ع

اردو ڪتاب

5. قواعد العروض — غلام حسنين قدؔر بلگرامي

6. چراغ سخن — ياسؔ يگانو چنگيزي

7. معيار البلاغت — منشي پرشاد

8. تقويم تاريخي — عبدالقدوس هاشمي

9. چوده ستاري — مولانا نجم الحسن ڪراروي

10. نقوش عصمت — سيد ذيشان حيدر جوادي

11. ديوان منهاج الحقيقت — ڊاڪٽر خضر نوشاهي

سنڌي ڪتاب

12. ڪليات سيد ثابت علي شاه — مرتب ميرزا عباس علي بيگ

13. رهنمائي شاعري — ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليلؔ

14. سنڌي جو عروض — ميرزا سڪندر علي بيگ

15. عروض جا اهڃاڻ — عبدالقيوم صائبؔ

16. بيدؔل جو اردو ڪلام — اختر درگاهي

17. حسين بن منصور حلاج — غفاريٽو

18. مثنوي دلڪشا — ڊاڪٽر نواز علي شوؔق

19. المڪتوب الحبيب — سليم الله صديقي

20. تذڪرة المراد — ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

21. صوفي ساچاه — قربان علي خاصخيلي

22. خطَ (قلمي) — سيد عبدالحسين موسوي

Scanned by CamScanner

قطعہ تاريخ تڪميل ڪتاب
”تاريخي قطعات“
مرتب ميرزا فتح علي بيگ شاهدؔ

از: ميرزا دبير حسين بيگ دبيرؔ

اشاعت لئي مڪمل جنھن گھڙي شاهد ڪيو نسخو
اُهو ناياب جنھن جو تذڪرو هو روحِ محفل جو
نُمايان ڪيو دبيرؔ آهي، چو هاتف، هر سخنور تي
بجا قطعات تاريخي محيط علم بيدؔل جو
(2008ع)

Scanned by CamScanner

بيدل يادگار ڪاميٽي

2008ع

Scanned by CamScanner